سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# استاد جا 3 حق

02 آکٽوبر 2025ء



# سکڻ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

(1): مختلف موضوعن تي مختصر بيان: 5 منٽ (2): دُعا ياد ڪرڻ: 5 منٽ (3): جائزو: 5 منٽ. ڪُل دورانيو: 15 منٽ اڄ جي سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ استاد جا 3 حق، قسط اول، سيکاريا ويندا ۽ آبِ زم زم پيئڻ وقت جي دعا ياد ڪرائي ويندي. ۽ آخر ۾ نيڪ اعمالن جي رسالي مان اجتماعي جائزو بہ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

## دُرُود شريف جي فضيلت

آخري نبي، رسولِ هاشمي صلّى الله عليه واٰله وسلّم جو فرمان آهي: فرض حج ڪريو! بيشڪ ان جو اجر 20 غزوَن (جنگين) ۾ شرڪت ڪرڻ ڪان وڌيڪ آهي ۽ مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهڻ ان جي برابر آهي.[1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## استاد جا 3 حق، قسط پهرين

| | |
|---|---|
| يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اسْتَجِيْبُوْا لِلّٰهِ وَ لِلرَّسُوْلِ اِذَا دَعَاكُمْ لِمَا يُحْيِيْكُمْ ۚ (پاره:9،الانفال:24) | ترجموڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله ۽ ان جي رسول جي بارگاھ ۾ حاضر ٿيو، جڏھن اھي اوھان کي ان ڪم لاءِ گھرائين جيڪو اوھان کي زندگي عطا ڪري ٿو. |

[1]… مسند الفردوس، جلد:2،صفحہ:130،حديث:2662۔

نبي ڪريم، رؤوف الرحيم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جيڪي ڪائنات جا مُعلم (استاد) آهن، سڄي مخلوق جا استاد آهن، هن آيتِ ڪريمہ ۾ پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم جو هڪ حق بيان ڪيو ويو آهي تہ اي ايمان وارؤ...!! محبوب صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم توهان کي جڏهن بہ سڏين، سڀ ڪم ڇڏي فوراً خِدمتِ اَقدس ۾ حاضر ٿي وڃو...!! ڇو تہ پاڻ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم سڳورا قرآن ڪريم سيکاري، عِلمِ دين پڙهائي توهان جي رُوح کي زندگي بخشڻ وارا آهن.[1]

## فرمانِ مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم فرمايو: عِلم سکو ۽ عِلم جي لاءِ ادب ۽ احترام سکو، جنهن توهان کي عِلم سيکاريو، ان جي سامهون عاجزي اختيار ڪريو.[2]

## استاد جا 3 حق

پيارا اسلامي ڀائرو! چوندا آهن: استاد بادشاھ ناهي هوندو، پر بادشاھ بڻائي ڇڏيندو آهي. ان ۾ ڪو شڪ ناهي تہ استاد جا شاگرد تي بيشمار احسان هوندا آهن. ان ڪري استاد جا حق بہ تمام گهڻا آهن. اڄ اسان استاد جا 3 حق سکڻ جي سعادت حاصل ڪنداسين.

## پهريون حق: فرمانبرداري ڪرڻ

---

[1]...تفسیر نعیمی ،پارہ:9،سورۂ انفال ،زیرِ آیت :24،جلد:9،صفحہ:258/257 ،ملتقطًا۔

[2]...معجم اوسط،جلد:4،صفحہ:342۔حدیث:6184۔

**وضاحت** :عُلماءِ ڪرام فرمائن ٿا: دِيني استاد، نائبِ مصطفيٰ صلَّی اللہ علَيہِ واٰلہٖ وسلَّم آهي.[1] تنهنڪري شريعت جي دائري ۾ رهندي ان جي هر جائز ڳالهه مڃڻ ضروري آهي. ان جي برڪت سان ۞ عِلم ۾ ترقي ملندي آهي ۞ عِلم جو نُور دل ۾ لهندو آهي ۞ دُنيا ۽ آخرت ۾ عِلم جون برڪتون نصيب ٿينديون آهن. تنهنڪري شاگرد چاهي ڪيترو به وڏو ٿي وڃي، ان تي لازم آهي تہ پنهنجي استاد صاحب جو ادب ڪندو رهي، استاد صاحب جڏهن بہ حڪم ڏئي، فوراً ان جي تعميل ڪري، پنهنجي عقل جا گهوڙا نہ ڊوڙائي. اڄڪلهه ڪجهہ شاگرد استاد سان بدگمان ٿي ويندا آهن، جيڪڏهن چار اکر پڙهي وٺن تہ پاڻ کي وڏو علاّمہ فَهّامہ سمجهڻ لڳندا آهن، خوشفهمي جو شڪار ٿي استاد صاحب جي نافرماني ڪرڻ لڳندا آهن، ڪڏهن ڪڏهن بُري صحبت بُرو اثر ڪندي آهي ۽ سني فرمانبردار شاگرد کي نافرمان بڻائي ڇڏيندي آهي. ياد رکو! استاد جي نافرماني نحوست ئي آڻيندي آهي. تنهنڪري هر وقت استاد جا فرمانبردار ئي رهو. ها! جيڪڏهن خدانخواستہ استاد ڪو شريعت جي خلاف حڪم ڏئي تہ ادب جي دائري ۾ رهندي معذرت ڪري وٺو!

## ٻيو حق: ادب ۽ احترام ڪرڻ

**وضاحت** :مثال طور ۞ استاد صاحب جي اڳيان نہ هلڻ ۞ سندن جاءِ تي نہ ويهڻ ۞ سندن سامهون نظرون جهڪائي رکڻ ۞ ڪانئن پهرين گفتگو شروع نہ ڪرڻ ۞ سندن هٿ چمڻ ۞ ساڻن مذاق مسخري نہ ڪرڻ ۞ سندن سامهون لهجو نرم ۽ آواز هيٺ رکو ۞ سندن برابر نہ ويهڻ

[1]…فتاوی رضويہ ،جلد:24،صفحہ:413،بتغير قليل۔

۞ استاد صاحب سان گڏ ماني کائڻ جي سعادت ملي تہ کائڻ پهرين ماني شروع نہ ڪرڻ. مطلب تہ: شريعت جي دائري ۾ رهندي استاد جي هر طرح تعظيم ڪرڻ ضروري آهي. استاد جي بي ادبي دنيا ۽ آخرت ۾ رسوائي جو سبب آهي ۽ استاد جو ادب بنهي جهانن جي ڀلائي آهي.

## ٽيون حق: استاد صاحب ڌانهن توجهہ رکڻ

**وضاحت:** استاد صاحب پڙهائي رهيو هجي تہ سندن ۞ هر ڳالهہ کي ڌيان سان ٻڌي ۞ سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ۞ تي سگهي تہ لکي وٺي ۞ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ اچي رهي هجي تہ ادب جو لحاظ رکندي استاد صاحب کي عرض ڪري، سبق دوران بي توجهي اختيار نہ ڪري مثال طور: ۞ گفتگو ڪرڻ ۞ اشارا ڪرڻ ۞ موبائل ۾ لڳل رهڻ ۞ ڪائيندي، پيئندي رهڻ ۞ آڳرين سان کيڏندي رهڻ وغيره عِلم جي برڪتن کان محروم ڪري سگهي ٿو.

## دهرائي

استاد جا هي ٽي حق آهن، ذهن ۾ ويهاري ڇڏيو! (1): فرمانبرداري ڪرڻ (2): ادب ۽ احترام ڪرڻ (3): استاد صاحب ڌانهن توجهہ رکڻ.

## سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائي ويندڙ دُعا

## آب زم زم پيئڻ وقت جي دُعا

اَللّٰهُمَّ اَسْأَلُكَ عِلْمًا نَّافِعًا وَّرِزْقًا وَّاسِعًا وَّ شِفَآءً مِّنْ كُلِّ دَآءٍ

**ترجمو:** اي الله! مان توکان نفعي واري علم جو، رزق جي ڪشادگي جو ۽ هر بيماري کان شفا جو سوال ڪريان ٿو.[1]

سرڪارِ مدينہ، راحتِ قلب و سينہ صلّی اللّٰہ علیہ والہٖ وسلّم فرمايو: آبِ زم زم جنهن ڪم جي لاءِ پيتو وڃي (ڪارآمد آهي) ۞ جيڪڏهن تون ان کي پيئڻ وقت شفا طلب ڪندين تہ الله پاڪ شفا عطا فرمائيندو ۞ جيڪڏهن پناهہ گهرندين تہ الله پاڪ پناهہ عطا فرمائيندو ۞ ۽ جيڪڏهن تون ان کي (فقط) سيراب ٿيڻ (اڃ لاهڻ) جي غرض سان پيئندين تہ الله پاڪ تنهنجي اڃ لاهي ڇڏيندو.[2]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

## روزانہ 56 نيڪ اعمال

:(1)سنيون سنيون نيتون ڪيئون؟ (2): پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيئون؟ (3): هر نماز کان اڳ نماز جي دعوت ڏني؟ (4): رات جو سورة المُلڪ پڙهي يا ٻڌي ڇڏي؟ (5): هر نماز کان پوءِ آية الڪرسي، تسبيحِ فاطمہ، سورة الاخلاص پڙهي؟ (6): ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صراط الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان گڏ پڙهي يا ٻڌي ڇڏيا؟ (7): شجري جا ورد پڙهيا؟ (8): 313 ڀيرا درود شريف پڙهيو؟ (9): اکين کي گناهن کان بچايو؟ (10): ڪنن کي گناهن کان بچايو؟ (11): فضول نظر کان بچندي نظرون هيٺ رکيون؟ (12): 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي

---

[1]…مستدرڪ، ڪتاب المناسڪ، باب ماء زم زم لما شرب لہ، جلد:2،صفحہ:132،حديث:1782،مدنی پنج سورۃ،صفحہ:214۔

[2]… مستدرڪ، ڪتاب المناسڪ، باب ماء زم زم لما شرب لہ، جلد:2،صفحہ:132،حديث:1782،مدنی پنج سورۃ،صفحہ:214۔

ڪتاب پڙهيو؟ (13): اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ (14): غصي جو علاج ڪيو؟ (15): پنهنجو جائزو ورتو؟ (16): پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ (17): ”اوهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهه ڪئي؟ (18): مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ (19): عشاء جي جماعت کان پن ڪلاڪن ۾ گهر پهچي وياسين؟ (20): 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ (21): فجر جي لاءِ جاڳايو؟ (22): ٻين جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچياسين؟ (23): گهر ۾ درس ٿيو؟ (24): مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (25): سنت مطابق لباس پاتو؟ (26): زلفون رکڻ جي سنت تي عمل آهي؟ (27): هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ (28): گناهہ ٿيڻ جي صورت ۾ فوراً توبہ ڪئي؟ (29): سنت مطابق ڪاڌو ڪاڌو؟ (30): مسلمانن کي سلام ڪيو؟ (31): ڪجهہ نہ ڪجهہ سنتن تي عمل ڪيو؟ (32): ظهر جون سنتون قبليہ فرضن کان اڳ ادا ڪيون؟ (33): تهجد يا صلٰوة الليل پڙهي؟ (34): اَوَّابِين يا اِشراق ۽ چاشت پڙهي؟ (35): عصر يا عشاء جون سنتون قبليہ پڙهيون؟ (36): 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ (37): ٻين کان گهري شيون تہ استعمال نہ ڪيون؟ (38): ڪوڙ، غيبت ۽ چغلي کان بچياسين؟ (39): ڪجهہ نہ ڪجهہ وقت مدني چينل ڏنو؟ (40): ذاتي دوستي تہ نہ ڪئي؟ (41): وقت تي قرض ادا ڪري ڇڏيو؟ (42): عاجزي جا اهڙا لفظ تہ نہ ڳالهايا جن جي تائيد دل نہ ڪري؟ (43): صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ (44): مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ (45): فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ/ٻڌائڻ جي حلقي ۾ شرڪت ڪئي؟ (46): ڪجهہ نہ ڪجهہ جائز ڪم کان اڳ بِسْمِ اللّٰه پڙهي؟ (47): چوڪ درس ڏنو يا ٻڌو؟ (48): والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ (49): اسراف کان بچياسين؟ (50): ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ (51): تنظيمي طريقي ڪار مطابق مسئلو حل ڪيو؟ (52): زبان جي گناهن کان بچياسين؟ (53): فضول ڳالهين کان بچياسين؟ (54): مذاق،

مسخري، طعني، دل آزاري ۽ قهقهي هڻڻ کان بچياسين؟ (55): عمامہ شريف ٻڌو؟ (56): ماءُ پيءُ جو ادب ڪيو؟

## قفلِ مدينہ ڪارڪردگي

۞ لکي گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نظرون هيٺ ڪري گفتگو 12 پيرا.

## هفتيوار 9 نيڪ اعمال

:(57)اسلامي ڀينرن جي هفتيوار اجتماع ۾ ڪنهن نہ ڪنهن اسلامي ڀيڻ کي گهران موڪليو؟ (58): هفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59): هفتيوار اجتماع ۾ اول کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): موڪل واري ڏينهن اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکويل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنهن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): هفتي ۾ ڪنهن بہ ڏينهن روزو رکيو؟ (63): هفتيوار رسالو پڙهيو يا ٻڌو؟ (64): علائقائي دورو ڪيو؟ (65): پهرين اينڊڙ ۽ هاڻي نہ اينڊڙ اسلامي ڀاءُ کي ديني ماحول سان وابستہ ڪيو؟